SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ حڪم نامو نمبر XVIII مجريہ 1973
# SINDH ORDINANCE NO. XVIII OF 1973
# آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ مجريہ 1973ع
# THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973
## فهرست (CONTENTS)

ديباچو

1. مختصر نالو ۽ عمل
2. ترميمون
3. سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878 جي دفعہ 43 ۾ تبديلي.
4. سنڌ ايڪٽ IV مجريہ 1 940 جي دفعہ 3، 4 ۽ 5 جا متبادل.
5. مغربي پاڪستان آرڊيننس II، مجريہ 1960 جي دفعہ 4، 5، 6، 13 جا متبادل.

# سنڌ قانون نمبر XVIII، 1973
# SINDH ORDINANCE NO. XVIII OF 1973
## آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ مجريہ 1973ع
## THE ABKARI LAWS (SINDH AMENDMENT) ACT, 1973

5 ڊسمبر 1973

اهو ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ آبڪاري ايڪٽ 1878، سنڌ ڪنزميشن آف انٽاڪسنٽس رسٽرڪشن ايڪٽ 1970، ۽ ويسٽ پاڪستان پروهبيشن آف اوپيم آرڊيننس 1960 کي بدلايو ويو.

ان لاءِ ايڪٽ هن ريت جوڙيو پيو وڃي

1. (i) آبڪاري قانون (سنڌ ترميم) ايڪٽ مجريہ 1973 سڏائيندو.

(ii) هي يڪدم نافذ العمل ٿيندو.

2. جدول جي ڪالم نمبر 1 ۾ ڄاڻايل قانون هن سان بدلايا پيا وڃن ۽ اهي هن ريت ڪالم نمبر 2 واري صورت وٺندا.

**جدول**

| قانون جو عنوان | ترميمون |
|---|---|
| 1. سنڌ آبڪاري ايڪٽ 1878 جو دفعہ نمبر 43 | (الف) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ ”ڇهہ مهينا يا ڏنڊ سميت جيڪو وڌائي هڪ هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو يا ٻئي ڏنڊ ۽ سزا “ جي لفظن کي ”ٽي سال يا ڏنڊ سميت جيڪو پنج هزار رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ٻئي“ جي لفظن سان بدلايو ويندو. |
| | (ب) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ ”ٻارنهن |

| | |
|---|---|
| | مهينا ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو“ کي ”پنج سال ۽ ڏنڊ جيڪو ستن هزارن تائين وڌائي سگهجي ٿو“ جي لفظن سان مٽايو ويندو. |
| | (ت) ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن ”ٻارنهن مهينا ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو“ کي ”پنج سال ۽ ڏنڊ جيڪو ستن هزار رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو.“ لفظن سان مٽايو ويندو. |
| | 2. دفعہ 46 ۾ ڪاما ۾ رکيل لفظن ”هڪ هزار روپيا يا جيل سميت جيڪو وڌائي سال ڪري سگهجي ٿو يا ٻئي“ کي ڪاما ۾ رکيل هنن لفظن سان بدلائبو: ”ست هزار روپيا يا جيل سميت جنهن کي وڌائي پنج سال ڪري سگهبو يا ٻئي.“ |
| | 3. دفعہ 51 ۾ ڪاما ۾ رکيل لفظن ”پنج هزار روپيا يا جيل سميت جنهن جو مدو ڇهن مهينن تائين وڌائي سگهجي ٿو“ يا ٻئي، کي ڪاما ۾ رکيل هنن لفظن سان بدلايو ويندو: ”پنج هزار روپيا يا جيل سميت جنهن جو مدو ٽن سالن تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ٻئي.“ |
| | 4. دفعہ 55_A ۾ ”هڪ هزار روپيا“ کي ”پنج هزار روپيا“ سان بدلايو ويندو. |
| دي سنڌ ڪنزميشن آف | (الف) ”ڇهہ مهينا يا ڏنڊ سميت |

| | |
|---|---|
| انٽاڪسنٽس رسترڪشن ايڪٽ 1940، جي دفعہ 3،4 ۽ 5 ۾ ترميم. | جيڪو وڌائي پنج سئو رپيا ڪري سگهجي ٿو ". لفظن کي ٻين لفظن "ٽي سال يا ڏنڊ سميت جيڪو پنج هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو" سان مٽايو ويندو ۽ |
| | (ب) "هڪ سال يا ڏنڊ سميت جيڪو وڌائي هڪ هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو"، لفظن کي هنن متبادل لفظن سان مٽايو ويندو. "پنج سال يا ڏنڊ سميت جيڪو ست هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو." |
| دي ويسٽ پاڪستان پروهبيشن آف اوپيم سموڪنگ آرڊيننس 1960 ۾ ترميم | 1. دفعہ 4 ۾ لفظن "ٻہ سال يا ڏنڊ سميت جيڪو وڌائي ٻہ هزار ڪري سگهجي ٿو يا ٻئي" کي متبادل لفظن "پنج سال يا ڏنڊ سميت جيڪو وڌائي ست هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو يا ٻئي گڏ" سان بدلايو ويندو. |
| | 2. دفعہ 5 ۾ لفظن "ڏنڊ جيڪو وڌائي پنج هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو." کي متبادل لفظن "سادي يا سخت پورهئي سان سزا جيڪا وڌائي پنج سال ڪري سگهجي ٿي يا ڏنڊ سميت جيڪو وڌائي ست هزار روپيا ڪري سگهجي ٿو" يا "ٻئي گڏ" سان بدلايو ويندو. |
| | 3. دفعہ 6 ۾ ڪاما ۾ رکيل لفظن "هڪ سال، يا ڏنڊ سميت جيڪو وڌائي هڪ هزار روپيا ڪري |

| | |
|---|---|
| سگهجي ٿو يا ٻئي گڏ“ کي هنن متبادل لفظن سان بدلايو ويندو: ”پنج سال، يا ڏنڊ سميت جيڪو ست هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو يا ٻئي گڏ.“ | |
| 4. دفعه 13 ۾ هن کي بدلايو ويندو:ـ | |
| ”“13 ڪو به ايڪسائيز آفيسر جيڪو حڪم نامي هيٺ سزا جوڳي ڏوهه جي جاچ پڙتال ڪرڻ جو اختيار رکندو هوندو، ان کي ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (ايڪٽ V، مجريه 1898 جي سهمت موجب اهڙيءَ ماڻهوءَ کي ضمانت ڏيڻ جو اختيار هوندو، جنهن کي وارنٽ کانسواءِ حڪم نامي هيٺ سزا لائق ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي.“) | |

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.